WWF for a living planet®

Indus FOREVER



# نيچر ڪلب

Designed by Nida Shams

## ڊگهي مدت جا منصوبا ۽ نيچر ڪلب پلان

ڊگهي مدت جا منصوبا جهڙوڪ: ڪلب لائيبرري جي تعمير، ڪلب ميوزيم جو قيام، خبرنامي جي ڇپائي ۽ تربيتي ورڪشاپس منعقد ڪرائڻ ڊگهي مدت جي حوالي سان شاگردن، استادن، نوجوانن ۽ مقامي ماڻهن ۾ ماحولياتي سجاڳي ۽ شعور اجاگر ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهن.



## نيچر ڪلب لاءِ مالي وسيلن جي دستيابي

سمورن منصوبن ۽ سرگرمين لاءِ هڪ مخصوص بجيٽ درڪار هجي ٿي جيڪا فنڊ وڌائڻ واري مهم سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. نيچر ڪلب جي سرگرمين لاءِ مالي وسيلا هيٺين ذريعن سان پيدا ڪري سگهجن ٿا.

- تفريحي سرگرمين وسيلي جهڙوڪ: اسٽيج شو، موسيقي جا پروگرام، ڊراما ۽ پتلي تماشن ذريعي.
- فطرت ۽ ماحولياتي ماڳن جا فوٽو ۽ ٻيون شيون، جيڪي ڪلب ميمبرن جا تيار ڪيل هجن، جي وڪري سان.
- امداد ڏيندڙ ايجنسين کان مالي مدد ذريعي.
- نيچر ڪلب جي ميمبرشپ في جي وصولي ذريعي.
- ڪلب جي خبرنامي ۽ ڇاپيل شين جي وڪري ذريعي.
- علائقي جو احساس رکندڙ ماڻهن کان فنڊ وسيلي.

نيچر ڪلب بابت وڌيڪ معلومات لاءِ هيٺ ڏنل پتي تي رابطو ڪريو:

ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان
606-607، فورچون سينٽر،
بلاڪ 6 پي اي سي ايچ ايس،
شارع فيصل، ڪراچي-75400
فون : 2-4544791 021
فيڪس : 4544790 021







## نيچر ڪلب جي ڪم جو طريقيڪار

نيچر ڪلب پنهنجيون سرگرميون مختلف سطحن تي مرتب ڪري سگهي ٿو. رهنما اصول جي طور تي اسين ڪيس هيٺيون سرگرميون تجويز ڪريون ٿا:


- نيچر ڪلب جي ميمبرن کي علائقي جي جهنگلي جيوت، ٻوٽن ٻوٽن ٻوٽي وڻن ۽ ماحولياتي مسئلن بابت سٺي ڄاڻ هجڻ گهرجي.
- نيچر ڪلب جي ميمبرن کي، ماحولياتي تباهي ۽ لاڳاپيل خطرن کي ختم ڪرڻ جي طريقن بابت تعليم پرائڻ تي زور ڏيڻ گهرجي.
- فطرت جي مطالعي لاءِ نيچر اسٽڊي ڪئمپ ۽ علائقي جي ماحول تي تحقيق لاءِ ماحولياتي ماڳن جا دورا منعقد ڪرڻ گهرجن.
- ڪلب هميشہ ماحوليات تي ڪم ڪندڙ علائقائي تنظيمن جي سرگرمين کان باخبر هجي.
- نيچر ڪلب ماحوليات سان وابستہ مسئلن جهڙوڪ: گدلاڻ، جهنگلي جيوت ۽ انهن جي ماڳن جي تباهي، غير قانوني شڪار، زميني ردوبدل، ٻيلن جي ڪٽائي، چراگاهن جي تباهي، ڪيميائي زهر، پاڻي جي گدلاڻ ۽ زمين جي نامناسب ورهاست بابت باخبر هجي.
- ماحولياتي ڄاڻ ۽ شعور کي وڌائڻ لاءِ پنهنجي بحث مباحثي جي پروگرامن ۾ ٻين تنظيمن جي ماهرن کي"مهمان مقرر" جي طور تي دعوت ڏجي.

www.foreverindus.org



## نيچر ڪلب ڪيئن ٺهي سگهي ٿو؟


نيچر ڪلب ڪنهن گروپ جي اهڙي شعوري ڪوشش ٿي سگهي ٿي جنهن سان فطرت ۽ فطرت جي طريقيڪار جو عمل ۽ شعور ذريعي تحفظ ۽ بچاءُ ٿي سگهي. نيچر ڪلب جا ميمبر ماحول جي احساس ۽ تحفظ واري مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جون سرگرميون ڪندا. نيچر ڪلب جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ هو تحفظ جي قدرن کي اجاگر ۽ منتقل ڪري ۽ ماڻهن ۾ روين جي مثبت تبديلي ۽ مستقل عمل سان ماحول جي بهتري وارو رجحان پيدا ڪري.



## نيچر ڪلب جي ضرورت ڇو آهي؟

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ انسان جي نامناسب مداخلتن جي ڪري فطرت کي مختلف رخن کان تمام گهڻو نقصان پهتو آهي. فطرت جي گونا گونيءَ ۾ موجود تناسب کي بهتر، برابر ۽ ان کي پائيدار ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ فطرت سان پيار ۽ ان جو احساس رکڻ واري مقصد کي نظر ۾ رکي سماج جا سيئي حصا خاص ڪري شاگرد، نوجوان، انحصار ڪندڙ ڪميونٽيز ۽ پاليسي جوڙيندڙ ماحولياتي تعليم ۽ شعور وڌائڻ وارين سرگرمين توڙي بين عملي ڪمن وسيلي اڳتي اچن. انهيءَ لاءِ نيچر ڪلب هڪ اهڙو بهتر ذريعو ۽ پليٽ فارم ٿي سگهي ٿو جتي مستقبل جا اڳواڻ ۽ ليبر فطرت جي تحفظ ۽ ماحوليات جي ٻيهر تعمير لاءِ گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿا. رڳو ايترو ئي نہ پر نيچر ڪلب هيٺين مقصدن تي بہ بهتر نموني سان ڪم ڪري سگهي ٿو:

- نيچر ڪلب ماحولياتي بهتري ۽ تحفظ لاءِ گڏيل ڪوششن کي اڳتي وڌائيندو.
- نيچر ڪلب شاگردن ۾ ماحولياتي قيادت ۽ ٽيم جو جذبو پيدا ڪندو.
- نيچر ڪلب اسڪول ۾ گڏيل نصابي سرگرمين وسيلي ماحولياتي بهتري کي هٿي وٺرائيندو.
- نيچر ڪلب شاگردن کي اسڪول جي چار ديواري کان ٻاهر جي تعليم وسيلي سکڻ جا موقعا فراهم ڪندو.
- نيچر ڪلب شاگردن کي ماحول سان سڌي رابطي ۽ فطرت جي بنيادي تصور کي سمجهڻ ۾ مدد فراهم ڪندو.
- نيچر ڪلب هڪ نمائنده پليٽ فارم جي حيثيت سان ننڍي سطح جي سرگرمين لاءِ مالي وسيلا حاصل ڪندو.
- نيچر ڪلب گڏيل سوچ ۽ ڳالھ ٻولھ ذريعي فيصلا سازي واري عمل سان شاگردن جي مسئلا حل ڪرڻ واري صلاحيت کي بهتر ڪندو.



## نيچر ڪلب ڪيئن ٺاهجي؟

ڪوبہ رواجي يا غير رواجي فردن جو گروپ گڏجي نيچر ڪلب ٺاهي سگهي ٿو. شاگرد، نوجوان، وڏا توڙي بزرگ اتساهجي نيچر ڪلب ٺاهي سگهن ٿا. سيني نيچر ڪلبن جي هڪجهڙي ڳالھ اها هوندي تہ اهي سيئي فطرت جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندا.

نيچر ڪلب جو ميمبر ٿيڻ لاءِ ڪي بہ ڏکيا قاعدا يا اصول نہ هوندا پر ڏهن يا ڏهن کان مٿي فردن جو گروپ نيچر ڪلب جوڙڻ لاءِ بلڪل مناسب هوندو. جڏهن تہ پوءِ ميمبرشپ وڌائي سگهجي ٿي. نيچر ڪلب جي جڙڻ دوران هيٺين نقطن کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي:

- نيچر ڪلب کي ڪوبہ مناسب نالو ڏيڻ گهرجي، بهتر هوندو تہ اهو نالو مختصر، جامع ۽ فطرت سان وابستہ هجي.
- ڪلب کي استاد اڳواڻ جي رهنمائي ضرور حاصل هوندي.
- نيچر ڪلب جون سرگرميون نصاب ۾ گڏيل نصابي سرگرمين جي طور تي شامل ٿينديون.
- ڪلب جو اڳواڻ هڪ متحرڪ ۽ تجربيڪار هدايت ڏيڻ وارو هئڻ گهرجي ۽ اهو بهتر آهي تہ هو پڪي عمر جو هجي.
- نيچر ڪلب وٽ مناسب جاءِ هجڻ گهرجي جتي هو فطرت سان لاڳاپيل شين جي نمائش ڪري سگهي.
- نيچر ڪلب کي تعليمي سال جي شروعات ۾ سرگرمين جو ڪئلينڊر تيار ڪرڻ گهرجي.




## ڪلب جا ميمبر

هڪ ذميوار ۽ بهتر حيثيت واري باڊي پنهنجي واضح بيان ڪيل ضابطن ۽ ذميوارين سان يقيني طور تي نيچر ڪلب کي پنهنجن مقصدن ڏانهن آسانيءَ سان وٺي ويندي. انهيءَ ڏس ۾ هيٺيون ڍانچو تجويز ڪجي ٿو:

سرپرست: ڪلب جي سرگرمين بابت وقت بہ وقت رهنمائي ڪندو رهندو / ڪندي رهندي. ماحولياتي تعليم سان دلچسپي ۽ مهارت رکندڙ ڪو بہ استاد، ڪلب جو سرپرست ٿي سگهي ٿو/سگهي ٿي.

صدر: نيچر ڪلب جي سرگرمين لاءِ ذميوار هوندو/ هوندي

سيڪريٽري: سرگرميون منعقد ڪرڻ، سرگرمين جو ريڪارڊ رکڻ ۽ ميٽنگ جا تفصيل لکڻ لاءِ پابند هوندو/ هوندي

خزانچي: ڪلب جي مالياتي معاملن، جنهن ۾ فنڊ ۽ في شامل آهن، لاءِ ذميوار هوندو/ هوندي

ميمبر: سمورا فرد جيڪي فطرت جي تحفظ وارين سرگرمين ۾ دلچسپي رکن ٿا، سي نيچر ڪلب جا ميمبر ٿي سگهن ٿا.




## نيچرڪلب جون سرگرميون

نيچر ڪلب جي ڪمن ۾ ڪوڙ ساريون سرگرميون شامل آهن، تن منجهان ڪجھ اهم سرگرميون هيٺين ريت آهن:

- نيچر ڪلب فطرت ۽ نباتات تي ٿيندڙ انساني مداخلتن جي اثرن جو جائزو وٺندو.
- ماحولياتي حوالي سان فطرت جي وسيلن جهڙوڪ ٻوٽن ۽ جانورن وغيره جي پاڻ ۾ لاڳاپن کي اجاگر ڪندو.
- نيچر ڪلب ماحوليات جي مختلف مسئلن تي تحقيق جي موقعن کي اجاگر ڪندو ۽ انهن جا سبب ۽ اثر ڄاڻائي سندن حل پڻ تجويز ڪندو.
- نيچر ڪلب فطرت تي پوندڙ ناڪاري اثرن جو جائزو وٺڻ لاءِ مختلف نوعيت جون سرگرميون منعقد ڪندو.
- اهو ماحولياتي ڏينهن جي مناسبت سان مختلف نوعيت جا مقابلا جهڙوڪ، بحث مباحثا، تقريرون، سوال جواب، مضمون لکڻ ۽ چترڪاري جا مقابلا منعقد ڪرائيندو.
- نيچر ڪلب قدرتي ماڳن جي تعليمي ۽ مطالعاتي دورن کي هٿي وٺرائيندو.
- اهو هر ٿورڙي وقت کانپوءِ شاگردن ۽ ڪميونٽي لاءِ فطرت جي تحفظ جا نئا منصوبا ۽ ماحولياتي تعليم جون سرگرميون تيار ڪندو رهندو.
- نيچر ڪلب پنهنجي ميمبرن ۽ اسڪول لاءِ نيچر اسٽڊي ڪئمپ منعقد ڪندو.
- نيچر ڪلب ڪلاس ۽ اسڪول ۾ فطرت جي تحفظ سان لاڳاپيل مسئلن تي بحث مباحثن جي سهلڪاري ڪندو.
- نيچر ڪلب پنهنجا تجربا ٻين سان ونڊڻ لاءِ ماهوار يا ٽہ ماهي خبرنامو تيار ڪندو.

